ڊاڪٽر ذوالفقار علي خان

# سيد مصري شاهہ جي ڳايل ۽ اڻ ڳايل ڪافين جو جائزو

# An insight into the musical notes in the 'Kafis' of Syed Misri Shah

***Abstract***

*Kafi is indubitably a well-placed genre of Sindhi poetry and Raga. Many notable Kafi composing versifiers (Kafigos) have made their mark in Sindh from 1838 to 1906.Syed Misri Shah is generallly considered to be the Imam (leader) of the Kafi genre.He was born in Nasarpur,near modern Hyderabad. Present article evaluates the inherent musical notes in the Kafis of Misri Shah within the technical context of Kafi singers, Ragas, Surs (melody),Dastan (legends).It also identifies those Kafis which have never been performed . The primal objective of the study being to draw attention of the media and TV producers, singers, musicians to this now fast vanishing genre, a great heritage of of Sindhi classical prosody.*

**تعارف ۽ تمهيد:**

هن مقالي جو مقصد ڪافين جي امام، سرموڙ شاعر سيد مصري شاهہ رضويءَ جي ڳايل ۽ اڻ ڳايل ڪافين جو جائزو وٺڻ آهي. گڏوگڏ ڪافي ڳائيندڙ فنڪار، راڳ، راڳڻيون، سُر، داستان ۽ ميڊيائي ذريعو خاص طور تي ڄاڻايو ويو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ اهي ڪافيون جيڪي ڪنهن بہ سبب نہ ڳايون ويون آهن، اهي پڻ هن مقالي ۾ آنديون ويون آهن. موجوده وقت ۾ ميڊيا تي نج ڪافي گو شاعرن، ڳائڻن، پروڊيوسرن، چينلن، اديبن، عام ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ عوام جو ڌيان ڇڪائڻ جي ضرورت کي نظر ۾ رکندي هي مقالو لکيو ويو آهي. سنڌ جا اڪثر اهل علم ۽ موسيقيءَ جي سمجهہ رکندڙ هن طرح جي تحقيق جا شائق هوندا آهن. موجوده دور ۾ دنيا آڏو پنهنجي ثقافت، خاص ڪري ٻوليءَ، ادب ۽ موسيقيءَ جي سڃاڻپ قائم رکڻ، نهايت ضروري آهي. ڪافيءَ جي صنف خاص طرح سان سنڌ، سرائيڪي علائقن ۽ پنجاب جي ثقافتي صنف رهي آهي. جنهن کي موسيقي يا راڳ جي ڄاڻ بنا سمجهي ئي ڪونہ ٿو سگهجي. ڪافي

لکڻ ۽ ڳائڻ جي حوالي سان مختلف محققن، اديبن، ۽ موسيقي جي ماهرن جا رايا به ڪتب آندا ويا آهن.

سيد مصري شاهه ڪافي گو شاعرن ۾ امام سڏيو ويجي ٿو. سندس جنم 1245هه مطابق 1828ع ۾ سنڌ جي قديم شهر نصرپور جي رضوي سادات جي برگزيده گهراڻي ۾ ٿيو. رضوي خاندان جو هي جرڪندڙ ستارو سيد بلند شاهه جو فرزند هو، جنهن جو سلسلو ستين پيڙهيءَ ۾ سيد هاشم شاهه سان ملي ٿو. سيد هاشم شاهه متعلق مير علي شير قانع (تحفة الڪرام ص 396) ۾ لکي ٿو ته:

”هتي (نصرپور ۾) پهريائين اهو آيو. هن وقت يعني (تحفة الڪرام جي تحرير واري عرصي 1769_1772ع) کان اٽڪل ٽيهه ۽ ڪي سال اڳ (غالباً 1840ع ڌاري) پاڻيءَ جي اُٿل ڪري سندس لاش ٻين سيدن سان گڏ، اصلوڪي جاءِ تان ڪڍي کڻي آيا. جيڪي معتبر ماڻهو انهيءَ ڪامل جي جنازي سان گڏ هئا، تن کان روايت آهي ته باوجود هن جي، جو هن بزرگ سيد کي به سئو سال گذري چڪا هئا، قبر مان صحيح سالم نڪتو. هڪ انگور جو ڇڳو تازو پڪل ۽ ڪي مصريءَ جا سنگ سندس ساڄي پاسي جي هيٺيان لڌائون، جيڪي مريدن پاڻ ۾ ورهائي کنيا.“ سيد هاشم شاهه جو سلسلهٔ نصب ويهين پيڙهيءَ ۾ امام محمد نقي عه سان ملي ٿو. (قانع 1970، ص 396)

’ڪليات مصري شاهه‘ ۾ مقبول احمد ڀٽي لکي ٿو ته:

”سيد مصري شاهه هڪ عوامي شاعر هو. هن اڪثر عوامي ٻوليءَ ۾ پنهنجو ڪلام چيو آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪچهريون ۽ بيٺڪون تنهن وقت جي عالمن، فاضلن ۽ اڪابرن سان به ٿينديون هيون، پر پاڻ پنهنجو ڪلام اُن ٻوليءَ ۾ چيو اٿن، جا واهڻن، وستين ۽ ڳوٺن جي عام ماڻهن، جهانگين ۽ سانگين جي ٻولي آهي، جا ان وقت عام استعمال واري ۽ روزمره جي زبان هئي.“ (ڀٽي 1961، ص 40)

سائين مصري شاهه جي وفات بابت ڪافيءَ تي لکيل تحقيقي مقالي ۾ سيد عبدالغفور راشدي لکيو آهي ته:

"4 ۽ 5 صفر 1235هہ مطابق 1906ع جي وچ ڏاري اڌ رات جو ڪين اچانڪ علالت ٿي، جنهن جي ان ڪان اڳ ڪابہ ظاهري علامت نہ هئي. انهيءَ مهل پنهنجي پويان ڪافي "اُڏر ڏاگها جيئن، ڏينهن نہ اُپري، پنڌ پرانهون منزل ڏور" چيائون. چون ٿا تہ ڪين نزع جي عالم ۾ ڏسي اتي جيڪي موجود هيا، تن کي ارمان ٿيو تہ خدا جي برگزيده بندن کي بہ آخري وقت ۾ ڪيڏي نہ تڪليف ٿي سَهڻي پوي! تنهن تي پاڻ اکيون کولي کيس فرمايائين تہ: "ابا! گاڏر کي ڪپڙي سان ڪابہ دشمني نہ آهي، هن وير آهي مير سان، سو جيڪا ميرائي آهي اها پاڻ سان کڻي وڃڻ بجاءِ بهتر ٿيندو تہ ٿوري تڪليف وٺي هتي ڇڏي هلجي." (راشدي 1954، ص 70)

ننڍي کنڊ جي تاريخ جي مطالعي منجهان خبر پوندي تہ هتان جي تهذيب، ثقافت ۽ زندگي جي مختلف روين ۾ هڪجهڙائپ آهي، خاص ڪري ادب ۽ موسيقيءَ ۾ (راشدي 1954، ص 79).
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪافيءَ بابت لکي ٿو تہ:

"ڪافي عمومي طور تي هتي جي ۽ خصوصي طور تي سنڌ ۽ پنجاب جي گڏيل ورثي جو اهڃاڻ آهي" (بلوچ 1978، ص 119).

ڪافي هڪ ئي وقت ۾ شاعري ۽ راڳ جي مستند ۽ مشهور صنف طور تسليم ڪئي وڃي ٿي. هتي سنڌ ۾ ڪافي گوشاعرن تي ئي انحصار ڪيو ويندو.
سنڌ ۾ ڪافي گو شاعرن ۾ عثمان فقير سانگي (1860_1778) مير علي نواز ناز (1935_1884) غلام حسين فنائي(1971_1901) (مرزا قليچ بيگ 1929_1853) سچل سرمست (1829_1739)، روحل صوفي (1804_1734) عطا محمد حامي (1982_1919)، قادر بخش بيدل (1872_1814) خوش خير محمد هيسباڻي (1877_1809)، رکيل شاهہ (1359_1262) صوفي نصير محمد فقير جلالائي (1842_1960) نواب ولي محمد فقير (1751_1832) استاد سينڌي خان (1880_1942) منٺار فقير راڄڙ (1865_1935) مولوي احمد ملاح (1896_1969) ٻيڏل فقير (1865_1939) مهدي سائين (1889_1969) محمد زمان طالب الموليٰ (1919_1993) ۽ سيد مصري شاهہ (1828_1906) ۽ ٻيا بہ ڪيترا شاعر شامل آهن. جنهن عرصي ۾ سيد مصري شاهہ جي تعليم جو سلسلو شروع ٿيو، ان وقت سنڌ ۾ فارسي، عربيءَ جا وڏا مدرسا

هوندا هئا. مصري شاهہ جو مزاج ديني تعليم سان گڏوگڏ شاعريءَ ڏانهن بہ مائل هو. مصري شاهہ جو ڪلام سورهن سُرن تي مشتمل آهي، جيڪي هن ريت آهن: 1.سر ڪلياڻ، 2.سر آسا، 3.سر ڏناسري، 4.سر پيروي، 5.سر پيروي-ٽوڙي، 6.سر پيروي-ٽوڙي-ڪسوري، 7.سر بلاول، 8.سر ڪوهياري، 9.سر ديسي، 10.سر ڪيڏارو، 11.سر تلنگ، 12.سر بروو، 13.سر بروو ۽ 14.تلنگ، 15.سرجهنگلو، 16.سر سورٺ، 17.سر سارنگ، 18.سر جوڳ، 19.سُر بهاگ، 20.سُر ڪنيات هندي، 21. سر سهٽي، 22.سر مالڪونس، 23.سر بسنت، 24.سر رامڪلي، 25.سر پوريا، 26.سر ڪانرو، 27.سر گجري، 28.سر ڪاموڏ، 29.سر بپاس، 30.سر ڪوهياري 31.ديسي.جڏهن تہ ڪجھ سرن کي ٻين سرن سان ملائي بہ لکيو ويو آهي. سر پيروي-ٽوڙي، سر پيروي-ٽوڙي-ڪسوري، سر برو ۽ تلنگ شامل آهن.

مصري شاهہ قداور نهايت حسين نوجوان هو. شاعريءَ جي ڏات ڪچي وهيءَ کان عطا ٿيل هئس، مثان مجازي حسن ۽ حقيقي حسن جو پارکو بہ هو. سندس هڪ بي نقط ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

## ٻنا نقطي ڪلام

ڪَرڪَا مِهرَ مِلِ ماهرُو، مَرلڪاءِ مَرلڪاءِ مُک مکرم مدام،
هر مهل سر مک کولئو، هڪ لک لمحہ وارو لگا

ڪر هو درد دل دور دک، م لڪاءِ مارو مور مک،
سرهو سدا هو سور سُک، دل دام در دارالسلام.

ڪر ڪرم وارو ڪو ڪڪر، وهلو وسو وس واهرو
رهہ ورهہ آ ورهہ واه وکر، اصلو لکهو عالم دوام.
رهہ راس راول ڪر رحم، م سهاء سو سهه سهم،
حورو ملڪ مارئا مرم، مائل ڪر، ڪرهو مرحم ملام.

ڪا مدد مالڪ مهر ڪر، گولو گدا گل گام گهر،
سرهو سڪالو ساهہ سر، مصري رکو عالم امام.
(رضوي، 1893: ص 91).

| نمبر | ٻول | ڪتابي سُر، صفحو ۽ ڪل مصرع | فنڪار |
|---|---|---|---|
| | **الف** | | |
| 1. | اڄ تہ عجيبن آڻي لايا نيهن نوان | سُر سارنگ<br>ڪافي 99، ص 82<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | محمد ابراهيم ميمڻ 1996، ص 29 (ص42)، عبدالله پنهور، فوزيا سومرو |
| 2. | اڪيون از خود اچي اڙيون، ڪري سامان سڪ وارا ، | ڪافي 5، ص 16<br>سُر ڪلياڻ<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | ديبا سحر (نصير، 2014، ص 263)<br>سند |
| 3. | اڪڙيون ناز جي ناتي، سي تان رمز ٻليريءَ رتيون | سُر تلنگ<br>ڪافي 85، ص 71<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 4. | آئون وريو نتي وران، جيئن وران تيئن واريوڙي يار | سُر تلنگ<br>ڪافي 81، ص 68<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | استاد محمدجمن،<br>سينگارعلي سليم<br>(نصير، 2014، ص 370)<br>(نصير، 2014، ص 39) |
| 5. | اڄ دلبر دام بنائي ڪيا، عاشق ڏانهن عزم، وھ وا | سُر آسا<br>ڪافي 12، ص 21<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 6. | اڄ عجيبن ڪان اَسُر، آندي ڪنيائي خوش خبر<br>ڪي عطا امداد اڄ محبوب مان تي خوش خبر | سُر جوڳ<br>ڪافي 141، ص 110<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | ماخذ: (سيد 1953، ص 45) |
| 7. | اڄ عشق ڪيا پورا عدد قالو بلئٰ جي قول سان | سر پيروي<br>ڪافي 49، ص 46<br>مصرع 4 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | بدنام ٿي تنه ڪر بندي، جنه ڪر، ٻنڌڻ پيس ٻول جا | مقطعو: مصري | |
| .8 | اڄ مليا مشتاق سڄڻ ۽ سڪنديون | سُر سارنگ<br>ڪافي 103، ص 84<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | ماخذ: (جوٽيجو 2003، ص 15) |
| .9 | اچي پر ٿياٽي پيئي پنهل سائين! پٺي تنهنجي | سُر ديسي<br>ڪافي 74، ص 63<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .10 | اسان اميدون وڏيون، اڃا آهن تو ۾َ | سُر جوڳ<br>ڪافي 130، ص 103<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .11 | اسين عشق ۾ ٿياسون الهٽ، ڪريون ڪوهہ ڪفر ايمان کي<br>اسين اُجايل عجز جا، ڪريون ڪوه وصل ويران کي | سُر جوڳ<br>ڪافي 114، ص 93<br>(ميمڻ، 1996)<br>مصرع 6<br>مقطعو: مصري | |
| .12 | اسين مست ٿيا، مُور نہ مَٽيون ان صف شڪن سالار کي،<br>سالڪن ڪيو سجده گه جنهن جي ديد ۽ ديدار کي | سُر جوڳ<br>ڪافي 115، ص 94<br>5 مصرع<br>مقطعو: مصري | ماخذ: (جوش 1953، ص 31) |
| .13 | اسين عيبدار پَرِن پِيرَ پاڙي ڄِي آن کي | سُر ڏناسري<br>ڪافي 38، ص 40<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .14 | اُنهن جو هيج حبيب، دارون درد وندن کي | سُر ڏناسري<br>ڪافي 37، ص 39<br>مصرع 5 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .15 | اي مَد مست ڪري هشيار،<br>قدم قرب جو اوڪو آهي | سُر آسا<br>ڪافي 13، ص 21<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .16 | آخر اوڏهين ويندينءَ، ٿانءِ<br>وڃي ٿر ٿيندينءَ ڪو دم<br>ڪوٽ رهِي | سُر جوڳ<br>ڪافي 147، ص 114،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .17 | آهي اهو افسوس ماڳ مسافر<br>ٿي مالڪ ويٺون | سُر آسا<br>ڪافي 26، ص 32<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .18 | آئون جڏي نٿي جيان، جام<br>پياري تنهن کي جياريو | سُر تلنگ<br>ڪافي 82، ص 69<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .19 | الغرضا! آهيان ڙي ميان، ريءَ<br>غرض غلام تنهنجو | سُر ڌناسري<br>ڪافي 33، ص 37<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .20 | انهي نينه ڪيس ناڪام،<br>انهي برهه ڪيس بدنام<br>جيڏيون! نه ته ڏيهه ۾ ڏاهي<br>هُيس | سُر جوڳ<br>ڪافي 134، ص 105<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| | | ب | |
| .21 | بوند پلي، برسي، سبزون سِر،<br>سونهن جي سالون | سُر سارنگ<br>ڪافي 98، ص 80،<br>مصرع 7<br>مقطعو: مصري | شفيع محمد فقير<br>(ٻرڙو 2007، ص 41) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .22 | برو بر بيخوديءَ جا پر، پياري يار پيمانا | سُر ڪلياڻ<br>ڪافي4، ص15<br>(خان، 1945)<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .23 | بچي بره تو اي بي نياز، قتل ڪئين سرڪاريايئي | سُر آسا<br>ڪافي 24، ص 30<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .24 | برهه بيراڳ دي بات باتڙي، مئن ڪوڪ سٽاڪي ڪنيان ڪنيان | سُر آسا<br>ڪافي 30، ص 34،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .25 | برهه جا بان تون بي حد، بچي باري بيٺون، بالمر! | ڪافي 2، ص 13<br>(تنيو، 2008)<br>سُرڪلياڻ<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .26 | ٻَن بيرنگيءَ ۾ بي اختيار، رنگا رنگي تو رونق ماڻي | ڪافي 10، ص 18، سُر آسا<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .27 | بينا ٿي اچي بيپرواهه، سڄڻ سڪندين ڪي اج سامهون | سُر ڪلياڻ<br>ڪافي 6، ص 16<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | پ | |
| .28 | پيو توريءَ ڪير ڏيندو، دردن ڪي دلاسا | سُر جهنگلو<br>ڪافي 93، ص 87<br>مصرع 4 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مقطعو: مصري | |
| .29 | ٻاروچا ٻانهيءَ سان جاني الله<br>لڳ لاھ جدايون | سُر ڪوهياري<br>ڪافي 66، ص 58<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | ڀ | |
| .30 | ڀلي تان ڀيا خيال ويا خوش<br>حال ٿيس،<br>ڏسي خيز سندن خشنود | سُر تلنگ<br>ڪافي 90، ص 74،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | (بلوچ 1952، ص 61) |
| .31 | ڀينر هينئن ڀانيمَ، ڪي<br>محب مسافر ٿيندا | سُر جوڳ<br>ڪافي 144<br>(هالائي، 2017، ص 113)<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | پ | |
| .32 | پارئين جي مارين توٽي نٿو<br>نهارين، آئون اوهان جي<br>آهيان. | سُر ڪوهياري<br>ڪافي 67<br>ص 59، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | استاد مٺو ڪڇي |
| .33 | پرھ پير پنهنجي ڪي پَسِي<br>منهنجي اڄ اکين عيدون<br>ڪيون | سُر جوڳ<br>ڪافي 133<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | استاد فدا حسين خان،<br>بابو فقير، موسيقي<br>ڪار نياز حسين<br>(مغل، 1955، ص 104) |
| .34 | پيتم مت پرديس پڌارو رُت<br>ساون ڪي سانوريا<br>پیتم مت پردیس پدھارو، رُت ساون<br>کی سانوریا | سُر سارنگ<br>ڪافي 101<br>ص 83، مصرع 5<br>مقطعو: مصري | موسيقار استاد<br>نيازحسين، عابده<br>پروين، صنم مارئي،<br>غلام قادر ڪڇي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .35 | پرچ پيارا آ پرياتِ، سڪ<br>سڄڻ تنهنجي سانوڻ لايا | سُر سارنگ<br>ڪافي 100<br>ص 82، مصرع 6<br>مقطعو: مصري | |
| .36 | پردو پرين وچ ۾، پنهنجو<br>اٿئي پاڻ | سُر پيروي<br>ڪافي 43، ص 43<br>مصرع 4 | |
| .37 | پکي تون تہ آهين پرڏيهي،<br>ڪهڙي واءُ ڪان وطن ڇڏيوئي<br>؟<br>طرحين طرحين جا گل طوطا!<br>ڇتو ڇٺو ڇو چمن ڇڏيوئي؟ | سُر سورٺ<br>ڪافي 97، ص 79<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .38 | پنهل جا پچندي الا، پنڌ رند<br>راهون پيچرا | سُر پيروي-توڙي<br>ڪافي 56<br>ص 51، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | عابده پروين (رضوي،<br>1983، ص 51) |
| .39 | پانڌي پرين کي ڏج پيغام<br>ميان، جيئن چوان ٿي، تئين<br>چئج ڙي يار ڙي يار،ساٿي<br>سڄڻن کي ڏيج سلام ميان | سُر جوڳ<br>ڪافي 140<br>ص 110<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | استاد منو ڪڇي، ڍول<br>فقير |
| | | **ت** | |
| .40 | تو در توءِ نہ ڇڏيان، توٽي<br>ڄاڻي جي نہ ڄاڻي | سُر جوڳ<br>ڪافي 131<br>ص 103، مصرع 5<br>مقطعو: مصري | حسين بخش خادم<br>(نصير، 2014، ص 235) |
| .41 | تولئہ سڪندي ٿيڙم سال<br>ميان،<br>ساريو صحبت ٿي سخت<br>گذاريان | سُر جوڳ<br>ڪافي 127<br>ص 101<br>مصرع 5 | استاد منظور علي خان<br>(ص56) ،استاد<br>فداحسين، استاد<br>محمد يوسف (نصير، |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مقطعو: مصري | 2014، ص 74)، استاد محمد جمن (نصير، 2014، ص 51) |
| .42 | تنهنجي ديد جن کي دام اچ دلبر! وڏا ديدار جا عاجزن آهون سٽي، اِعلاج ڪر آزار جا | سُر سورٺ ڪافي 94، ص 78 مصرع 4 مقطعو: مصري | |
| .43 | تون تہ منهن لڪائي مَر مار، پلا منا ماٺا ناهہ مناسب ساڻ مشتاقن | سُر جوڳ ڪافي 123، ص 98، مصرع 4 مقطعو: مصري | |
| .44 | تيڏا ڪوئي طور عجب وي، جادو سارا جنب وي | سر پيروي ڪافي 54، ص 50 مصرع 4 مقطعو: مصري | |
| | | ٿ | |
| .45 | ٿئين دل متان دلگير، اچ سُپان ايندا پرين | سُر سارنگ ڪافي 102، ص 84، مصرع 4، مقطعو: مصري | |
| | | ج | |
| .46 | جاڳ ڏي جيءَ کي جفا گينوار غفلت کي چڏي رات ويئي اپٽڻ اکيون، توکي ننڊ نہ ڏي | سُر جوڳ ڪافي 132 ص 104 مصرع 4 مقطعو: مصري | غلام قادر لنجواڻي (نصير، 2014، ص 535) |
| .47 | جاني! ڏسي تنهنجي جاءِ، تن تسالو ٿيون تسلايون | سُر جوڳ ڪافي 126 ص 100 | استاد منو ڪڇي، غلام شبير شاهاڻي (نصير، 2014، ص 537) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .48 | جَن ڏنا تنهنجا ديدَ، سهڻا سي ٿيا سيلاني جاني | سُر ڏناسري<br>ڪافي 35<br>ص 38، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | فوزيا سومرو (نصير، 2014، ص 586)، سينگار علي سليم (نصير، 2014، ص 369) |
| .49 | جهانگيئڙن ڪون جُدا، گهڙي ڪين گهاريندس سُرهي صحبت منڙي سندين محبت سندين ساريو ساريندس | سُر جوڳ<br>ڪافي 148<br>ص 116<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | استاد منو ڪڇي |
| .50 | جان جان نين منهنجي جان تان تان حجاب لاهہ لياڪا | سُر جوڳ<br>ڪافي 122،<br>ص 98، مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .51 | جت ڪٿ جاني جلوه تيرا، هر جا هر هنڌ تو ساماڻا | سُر آسا<br>ڪافي 27، (شيخ، 1969، ص 31)<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .52 | جن ناز ڏنا سي ٿيا نروار، شوق وجائي شان جا | سُر جوڳ<br>ڪافي 116،<br>ص 94، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .53 | جيجان جوش جلڻ، جئي ۾ جدائي جا | سُر جوڳ،<br>ڪافي 143،<br>ص 112، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .54 | جيڪا وٽيئي سا سپ واهہ، ناهہ مجال عقل منهنجيءَ جي | سُر آسا<br>ڪافي 16، ص 24 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .55 | جيڪي سڄڻ سوريءَ<br>چاڙهيا، سي ڪيئن مشتاق<br>مچن وهوا | سُر آسا<br>ڪافي 15، ص 23<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري شاهہ | |
| | | چ | |
| .56 | چُپ راست، زير بالا، نٽُ نَونَو<br>نُور نرالا | سر پيروي<br>ڪافي 53، ص 49<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | ماخذ: (ابڙو 1987، ص<br>29) |
| .57 | چہ سا سازيم شرح صورتت،<br>اي جان من ڪونين<br>زلف گهنڊيون، اکيون<br>ڪنڍيون، تکا ٻيا تير پنيڻن<br>جا | سُر آسا<br>ڪافي 32، ص 36<br>مصرع 4<br>مقطعو: ناهي | |
| | | خ | |
| .58 | خوش خبر ڪينءَ خير جي،<br>ڪنياتل ادا ڪا خوب ڏي<br>چڙهي منهن مشتاق جي ماڻن<br>پريا مڪتوب ڏي | سُر جوڳ<br>ڪافي 137،<br>ص 107، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | د | |
| .59 | دام دليان نون، ديد اڙاءِ ويڪو<br>رانجهڻ ڪي ڪر ڪردا | سُر آسا<br>ڪافي 28، ص 32<br>مصرع 6<br>مقطعو: مصري | |
| .60 | درد مندن کي ديدار، دلبر!<br>واري ڏي دلداريون | سُر جوڳ<br>ڪافي 128،<br>ص 101، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .61 | دَستِ دلبر جي دوا دردن توڻي<br>درمان جي<br>وَٺُ تنهين کان ڪا وٺي،<br>دولت ڏيئي دل جان جي | سُر سورٺ<br>ڪافي 96، ص 79<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .62 | دل دوست ڏيئي دلداريون،<br>هٽي هوت پنهون تو هٽ<br>ڪئي | سُر تلنگ<br>ڪافي 88، ص 73<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | (خان 1945، ص 51) |
| .63 | دلبر دل کي داغ، پاڻ ڏيکاري<br>ڏنو ئي | سُر آسا<br>ڪافي 19، ص 26<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .64 | دلڙيون دام دلبر جي ڏاڍي ناز<br>نهوڙي نيون | سُر تلنگ<br>ڪافي 89، ص 73<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| | | ڌ | |
| .65 | ڏُئل دوست خدا، مُجرمن<br>مٿان، خيمو خاص اڏيندو | سُر ديسي<br>ڪافي 77، ص 65<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | ڏ | |
| .66 | ڏس صاف صوفي اڄ اچي،<br>پيمانہ يڪ رنگ يار جو<br>نان ڪسوٽيءَ قلب جي<br>آگاهہ ٿئين اسرار جو | سُر جوڳ<br>ڪافي 107، ص 87<br>مصرع 6<br>مقطعو: مصري | |
| .67 | ڏسي ههڙا منهنجا حال وو<br>حال وو،<br>اجهي اڱڻ آرياڻيءَ ايندا<br>هت هوت اچي هڪ ٿيندا | سُر ديسي<br>ڪافي 76، ص 74<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .68 | ڏيئي نيڻن جا نظارا سيني<br>لائي ڪيئي سلامي | سُر ڪلياڻ<br>ڪافي 7، ص 17<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .69 | ڏاڍا نازسڄڻ ڏيکارين ٿو، مون<br>ڪي ماٽا ڪري چو مارين ٿو. | سُر ڪلياڻ<br>ڪافي 8<br>ص 17<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري شاهه | استاد فتح علي خان،<br>استاد محمد ابراهيم<br>(نصير، 2014، ص 42)،<br>استاد وحيد علي، امير<br>بخش ڪلوئي (نصير،<br>2014، ص 100)، قاسم<br>فاني (نصير، 2014:<br>618)، رجب علي<br>(نصير، 2014، ص<br>295)، استاد حميد علي<br>خان (نصير، 2014، ص<br>809) (هالائي سوز<br>2017، ص 125)<br>استاد فتح علی خان، استاد محمد<br>ابراہیم، استاد وحید علی، امیر<br>بخش کلوئی<br>قاسم فانی، رجب علی، استاد<br>حمید علی خان |
| | | ذ | |
| .70 | ذات نسورو نور، آيو سانگ<br>ڍڪي صورت جو | ڪافي 1<br>سُر ڪلياڻ<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | استاد فدا حسين،<br>استاد محمد يوسف،<br>حسين بخش خادم<br>سروري (نصير، 2014،<br>ص 235) _ (رضوي،<br>1983، ص 13) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | استاد فدا حسین، استاد محمد يوسف، حسین بخش خادم سروری |
| | **ز** | | |
| .71 | **زوراور توسان، زاريون کھڙي حجت هيئن جي** | **سُر ڏناسري**<br>**ڪافي** 34، **ص** 38،<br>**مصرع** 5<br>**مقطعو: مصري** | **سيد جمن شاهه بخاري، استاد وحيد علي**<br>**(نصير،** 2014، **ص** 809)<br>سید جمن شاه بخاری، استاد وحید علی |
| .72 | **زاغ عقل دا هٿا پرواز، جب آيا شهباز عشق دا** | **سُر آسا**<br>**ڪافي** 29، **ص** 33<br>**مصرع** 5<br>**مقطعو: مصري** | |
| .73 | **زلفن ڪيو زيان، چڙ وسيهر نانگ وراڏيا** | **سر بلاول**<br>**ڪافي** 64، **ص** 56<br>**مصرع** 4<br>**مقطعو: مصري** | |
| .74 | **زاري توسان زاري، تنهنجي محبت آهيان ماري چاڪ چُڪيءَ جا ويون چوري** | **سُر ڪوهياري**<br>**ڪافي** 69، **ص** 60<br>**مصرع** 4<br>**مقطعو: مصري** | |
| | **س** | | |
| .75 | **واحد وسائينس، آهون عالم جون سُٽي** | **ص** 5<br>**سنڌ ڪي دُعا (بيت)**<br>**مقطعو: مصري** | |
| .76 | **ساٿيئڙا رات ويڙا، مون ڪي جيڏيون ڪين جاڳائي.** | **سُر پيروي-توڙي**<br>**ڪافي** 57، **ص** 52<br>**مصرع** 4<br>**مقطعو: مصري** | **استاد منو ڪڇي**<br>استاد مٹھو کچھی |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .77 | سدا منهنجون سڪنديون،<br>پانڌي روز پڇن،<br>اکڙيون عربي جام کي | سُر ڪوهياري<br>ڪافي 70، ص 61،<br>مصرع 6<br>مقطعو: مصري | محمد شريف مگسي<br>(نصير، 2014، ص 704)<br>محمد شریف مگسی |
| .78 | ساهہ صدق دل اکيون جان،<br>مان متاع سڀ دولت تنهنجي | سُر جوڳ<br>ڪافي 113،<br>(جوڻيجو، 2003، ص<br>92) مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .79 | ساهہ صبر نٿو سهي، دل<br>درماندي درسن ڏاران | سُر تلنگ<br>ڪافي 83، ص 69<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .80 | سَہَرَ سيڻ سندام جيڏيون ڙي<br>ساري سُجو ڏيج ڏيئي ڏيئي<br>ويا | سُر ڪيڏارو<br>ڪافي 79، ص 66<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .81 | سجده گاهہ صورت ۾، چاٽي<br>سير جن سر جو ڪيو.<br>مسجد مڙهي ميخان ۾<br>محبوب تن ميسر ٿيو | سُر جوڳ<br>ڪافي 106، ص 86،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .82 | سڏڙا شال سڻيندو، پلئو لائي<br>نال نيندو | سُر جوڳ<br>ڪافي 145، ص 113<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .83 | سڪنديون لئہ سڄڻ جي<br>سي تان، سهسين سانگ<br>ڪنديون | سر بروو ۽ تلنگ<br>ڪافي 92، ص 76<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .84 | سنيها سڄڻ پار جا، سوزئون<br>سڻ تون سالڪ سارا | سُر آسا<br>ڪافي 20، ص 27 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .85 | سهس رنگ سيلا سنهان<br>سر تي ستم گر! ڪيمَ ڪر<br>درد وندن جون دليون حيران<br>هر هر ڪيمَ ڪر | سُر جوڳ<br>ڪافي 110، ص 90<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | (راز 1963، ص 90) |
| .86 | سهٽا سائين! مون سرندي،<br>سري سيڪا سجڻ توکي | سُر جوڳ<br>ڪافي 129، ص 102<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .87 | سيباٽي ساهہ کي شهرت،<br>سنيم سهجؤن سجڻ سر تي<br>جوهر جيءَ جان سين جَڙيم،<br>ڪري گهٽو ڳچيءَ ڳل جو | سُر آسا<br>ڪافي 22، ص 28<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| | | ص | |
| .88 | صادق صدقئون ڏي تون<br>سجدا، سمجهہ وجائي<br>صحيح سجاڻ | سُر آسا<br>ڪافي 17، ص 25<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | ع | |
| .89 | عاشق چڏي تون اولا، پاءِ پڙ ۾<br>پيير پورا<br>لاهي لوڪ جا لياڪا، لُٽ<br>سِر لَجون سمورا | سُر آسا<br>ڪافي 23، ص 29<br>(تنيو، 2008)<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | اسحاق ڪارو مگٽهار |
| .90 | عشق سپهہ سالار، سهيو ملڪ<br>فلڪ تهين دا | سُر ڌناسري<br>ڪافي 40، ص 41<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | استادمنوڪڇي،<br>ممتازلاشاري (رضوي ،<br>1983، ص 41) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .91 | عشق اصلوئون ادبيت جي<br>وڏي قنات ڪيرائي | ڪافي 3، ص 14<br>سُر ڪلياڻ<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .92 | عشق سچوئي اسلام، مذهب<br>محبت عين مبارڪ | سُر جوڳ<br>ڪافي 121، ص 97،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .93 | عشق اچي چيو احد الله، تون<br>پڙهہ توبهہ زارو زاري | سُر آسا<br>ڪافي11، ص 20،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | حسين بخش خادم<br>(نصير، 2014، ص 745) |
| | | ف | |
| .94 | فرق نڪوئي ڦير، وحدت<br>ڪثرت وچ ۾ | سر پيروي<br>ڪافي 44، ص 43<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | ق | |
| .95 | قيد ڇڏيندم ڪين عمر<br>اجهي آيم اباڻا<br>نيٺ نڏر کي نين، سي<br>پنهنجي ڏيهہ ڏاڏاڻا | سُر جوڳ<br>ڪافي 146، ص 114<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | فقير امير بخش<br>ڪلوئي (نصير، 2014،<br>ص 579) |
| .96 | قاصد! قريبن کي ڪهج،<br>عاجز سندي آزار جو<br>مرهم مرحمت ڪا ڪريو،<br>درمل سڄڻ! ديدار جو | سر پيروي<br>ڪافي 47، ص 45<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| | | ڪ | |
| .97 | ڪج زلف ڪمند ڪڙ يارا،<br>سي ٿا پائن دام دوبارا | سر پيروي<br>ڪافي 51، ص 48<br>مصرع 5، | فقير امير بخش<br>ڪلوئي (نصير، 2014،<br>ص 579) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ڏين لامارا لحظي لحظي، بند<br>کن بلخ بخارا | مقطعو: مصري | |
| 98. | ڪرڪا مِهر مِل ماهرو!<br>لڪاءِ مک مڪرم مدامَ | سُر جوڳ<br>ڪافي111،ص91،مصرع5<br>بي نقط ڪلام<br>مقطعو: مصري | ذوالفقارعلي، اميرعلي<br>(نصير، 2014، ص 118) |
| 99. | ڪنگالين جي ڪهل پوي<br>ڪوهيارا!<br>موتي آءُ تون مون وٽ | سر پيروي<br>ڪافي 46، ص 44،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | فقير صدرعلي لغاري |
| 100. | ڪئين ڪهاٽيون ڪنديون<br>تنهنجي برهہ بڇڙ جون | سُر جوڳ<br>ڪافي 119، ص 96،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | استاد منو ڪڇي |
| 101. | ڪارڪر،ڪاهل مَرهو،<br>ڪرڪار ڪامل رَهُ ڪمال،<br>ڪم ڪوس، ڪم ڪرلک<br>لمحُ هرمهل هردم ڪاءُ حلال | سُر جوڳ<br>ڪافي 112،<br>(جوٽيجو، 2003، ص<br>92) مصرع 4<br>بي نقط ڪلام<br>مقطعو: ناهي | |
| 102. | ڪج ابرو سٽ ڪِس<br>پيٽ،جاوان ڪي ڪر وچ<br>ڪعبي | سر بلاول<br>ڪافي 61، ص 54<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 103. | ڪڏهن ڪوهيارا وجون<br>هڪڙي رات رهي | سُر سارنگ<br>ڪافي 104، ص 85،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 104. | ڪڏهن ڪمڙو ڪڏهن<br>ڪمڙو آهين | سر بلاول<br>ڪافي 60، ص 53 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | اسان ساڻ وي ميان، حد بيحد هڪ جهڙو | مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| 105. | ڪرهل آ ڪاهي، واڳُون ورائي، جُل مَ جامَ جتيءَ جا | سُر ديسي<br>ڪافي 72، ص 62<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 106. | ڳن ظالم زلف زنجير، رانديون رنگي رخ تي | سُر ڏناسري<br>ڪافي 36، ص 39<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 107. | ڪوه وللين وجيو وات سين ويهي<br>معلوم محبوبن ڪي حال مڙيئي | سُر جوڳ<br>ڪافي ، ص 135،<br>(مغل، 1955، ص 106) ،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 108. | ڪوهہ جاٽا ڪهڙي ڏوهہ،<br>ڇوري ڇپر چڏي ويا<br>ڏاڍي زوراور ذات جتن جي | سُر جوڳ<br>ڪافي 142، ص 111<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | (مغل 1955، ص 30) |
| 109. | ڪيهي ڪتابت ڪريون ڪاڪل ڪنيڙي ۽ ڪجل جي | سُر جوڳ<br>ڪافي 118، ص 95<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 110. | ڪيئي پريشان پريون پريون، تو رمزون لائي | سُر جوڳ<br>ڪافي 120، ص 97،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 111. | ڪيو اظهار اِي اسرار اچي تو عشق عالم ۾ | سُر آسا<br>ڪافي 9، ص 18<br>مصرع11 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | رنگينو راز ٿيو پڌرو، هلايو<br>هنر حڪمت ڪي | مقطعو: مصري | |
| | **گهه** | | |
| 112. | گهوري وڃان گهوري، آءُ الله<br>لڳ اوري،<br>ڏکيا گذاريم ڏينهڙا | سُر ڪوهياري<br>ڪافي 68، ص 60،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | تاج مستاني (مرزا،<br>2010، ص 198) |
| 113. | گهران قاتل ڪکوهہ تو<br>کان، جوماري مرد مڻ وارا | سُر آسا<br>ڪافي 21، ص 28<br>مصرع 6<br>مقطعو: مصري | |
| 114. | گهونگهٽ واريون گتيون<br>گتيون، چڙهر گت گڏجي | سُر جوڳ<br>ڪافي 125، ص 99،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | **ل** | | |
| 115. | لاهہ گهونگهٽ ٿي لاحجاب،<br>ڪر اسان سين انجام اچڻ<br>جا | سر پيروي- توڙي-<br>ڪسوري،<br>ڪافي 59، ص 53،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 116. | لايو عشق ڪرين ٿو ارڏايون<br>ڪڏهن ڪهل نہ ڪنهن جي<br>پوئي | سُر تلنگ<br>ڪافي 86، ص 71<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| 117. | ليڙا لانچيائون، جَمَل<br>جانڪيائون،<br>آڏيءَ رات اُٿي ڪري | سُر ديسي<br>ڪافي 71، ص 61<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | | |

| م | | | |
|---|---|---|---|
| 118. | محبوباڻي مار جا، پڇ تون<br>پانڌي پار پيراتا | سُر آسا<br>ڪافي 18، ص 25<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 119. | مرلي سي مجهي موه ڪي<br>جوڳي جان لي گيوري<br>ڪسي ديس سي آيو ري | ڪافي 31، ص 35<br>سُر آسا<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | ذوالفقارعلي (نصير، 2014، ص 84) ،<br>اميرعلي،صادق علي (نصير،2014،ص 481)،<br>محمد حسن ڪڇي |
| 120. | ماهيءَ جا مون کي ميھٽا،<br>سپ سهجون ساه سيباٽا | سُر پيروي_توڙي<br>ڪافي 58، ص 52<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 121. | مک منھن تنھنجي ڪيا ماھرو،<br>چوڏس مٽي چنبي چمن<br>سھائيون سفيديون سوجھرا ،<br>سر ساڳيا سھسين سُجَن | سر پيروي<br>ڪافي 50، ص 47<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| 122. | منھن تنھنجو مصحاف، بي<br>ادب تنھن سان ڪيئن<br>ٽيندس | سُر جوڳ<br>ڪافي 124،<br>ص 99، مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 123. | منھنجو صدق سر تنھنجي<br>قدم تان<br>تنھنجي قدم تان، دوست! دمَ<br>تان | سُر تلنگ<br>ڪافي 83، ص 70<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 124. | منھنجي مارڻ لاءِ چوڙي سِرَ<br>سامين چڏيون چتيون | سر بروو<br>ڪافي 91، ص 75<br>مصرع 7<br>مقطعو: مصري | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .125 | موٽ سڄاجها سائين، واقف حال منهنجي جا | سُر ديسي<br>ڪافي 75، ص 63<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .126 | موٽڻ سنديون معذور ڪي، آيل ڙي!<br>متيون آچ مر مادر، اَلا | سر پيروي<br>ڪافي 45، ص 44<br>مصرع 5 ، مقطعو: مصري | |
| .127 | ميران مشڪل لاهه، محمد چام محابي<br>مُرسل مير محابي | سُر ڌناسري<br>ڪافي 39، ص 40<br>مصرع 6<br>مقطعو: مصري | |
| .128 | ميڙئين رب مشتاق، جلوي جوت جمال پرين جي | سُر سارنگ،<br>ڪافي 105، ص 86<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .129 | مٺن بندا بردا دردا، دردا تي مٺن واريان<br>دردا تنهن دلبر دا | سر پيروي<br>ڪافي 55، ص 50<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .130 | مُيون ماڻن سين نہ مار، ٿيءَ سياڻو سُهڻا سائين | سر بلاول<br>ڪافي 63، ص 56<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | **ن** | | |
| .131 | ناتي نازن جي ڪيا نظر نهال.<br>مُلڪ فلڪ مخمور ٿيا | سُر جوڳ<br>ڪافي 117، ص 95<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | طيب سمون (نصير، 2014، ص 493) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 132. | نازڪ نرگس نيڙي، نئون نت<br>نسندن ناظر نالي | سر بلاول<br>ڪافي 63، (تنيو،<br>2008: 55)<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| 133. | نيئي نماڻن جون دليون ناحق<br>نگارا بي سبب<br>وٺ وهو ويجهو، وريو ڪريين<br>ڪنارا بي سبب | سُر جوڳ<br>ڪافي 109، ص 89<br>مصرع 8<br>مقطعو: مصري | |
| | و | | |
| 134. | وسري ويا پئي جڳ، جڏهن<br>دل جان سان دلبر ڏٺم<br>مهتاب مک محبوب جو<br>محراب منهن منور ڏٺم<br>(گل 1964، ص 49) | سُر جوڳ<br>ڪافي ، 108، ص 88<br>مصرع 9<br>مقطعو: مصري | فقيرعبدالغفور<br>(نصير، 2014: 577) |
| 135. | وڻ چڙهي وائي مني ڪانگل<br>ڪهي تو ڪالهه جا<br>چؤ ڪڏهن ايندا اڱڻ، هت<br>هوت محرم حال جا | سُر جوڳ<br>ڪافي 138،ص 108<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | چاڪر چانڊيو<br>(نصير، 2014، ص<br>233)، فقير عبدالغفور<br>(نصير، 2014، ص 577) |
| 136. | وجهي زلف جي دام ۾ پائي<br>قيد تو ڪامڻ ڪيا | سُر سورٺ<br>ڪافي 95، ص 78<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 137. | ويکيم ديد شهيد دلبر دا<br>تنهن ديدار بي اختيار مين<br>ڪيتا | سُر ڪيڏارو<br>ڪافي 80، ص 67<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | هه | | |
| 138. | هوت مَ چڏجاه هي، سائينءَ<br>لڳ سميع | سُر ديسي<br>ڪافي 73، ص 62 | چاڪر چانڊيو<br>(نصير، 2014، ص 233) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | پيرين پيادي پنڌ ۾ | مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .139 | ههڙا سڪڻ منهنجا حال<br>ڪيا،<br>آءُ ڪا ڏي خبر ڪنياتا ڪري | سُر جوڳ<br>ڪافي 139، ص 109،<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .140 | هر ڪنهن جي حاجت هرگز<br>ناهي، موج برهہ جي<br>مُستقراري | سُر آسا<br>ڪافي 14، ص 22<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .141 | هڙ پرائي تي هونئن ئي بانور<br>رکي بيٺو آهين<br>شي ڏسي ٿو شيڪجين،<br>وينڌءِ وٺي ويلي ڪنهين | سُر پيروي<br>ڪافي 41، ص 42<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| .142 | هستي ڇڏ هن جاءِ، ٿي<br>مساڪن ملڪ عدم جو | سُر آسا<br>ڪافي 25، ص 30<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .143 | هڪو سائين سچو سرچي،<br>ٻيو پرچي ڪوم پرچي | سُر جوڳ<br>ڪافي 136، ص 107<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .144 | هل داتا جي درتي، موڙهو<br>پٽين ڪوه مگٽا | سر بلاول<br>ڪافي 65، ص 57 ،<br>(پٽي، 1961)<br>مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| .145 | هٽي تو ڪيو هينئڙو هادي<br>بند، پائي ڏاڍيون ڏوريون | سُر تلنگ<br>ڪافي 87، ص 73 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | مصرع 5<br>مقطعو: مصري | |
| 146. | هو نسورو ناز، مخفي مام تي<br>اُلٽي معنيٰ، رمز عجائب راز | سُر ڪيڏارو<br>ڪافي 78، ص 65<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| | | **ي** | |
| 147. | ياد ڪر تان ياد ٿئين، لائي<br>نوان نِت نينهڙا<br>ريءَ يادگيريءَ يار جي، ڪوڙا<br>ڪٽڻ هُٽ ڏينهڙا | سُر پيروي<br>ڪافي 42، ص 42<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | فقيرعبدالغفور، غلام<br>شبير شاهاڻي (نصير،<br>2014: 537)<br>فقير خان محمد<br>(نصير، 2014، ص 603) |
| 148. | يار منهنجو بي حجاب، لڳي<br>پرت پري ٿيا پردا<br>لاٿو نينهن نقاب | سر پيروي<br>ڪافي 48، ص 46<br>مصرع 4<br>مقطعو: مصري | |
| 149. | ياڪي يگانہ يار، چاڪي رهين<br>ڏارو ڏار! | سر پيروي<br>ڪافي 53، ص 49<br>مصرع 4 ، مقطعو:<br>مصري | |

**حاصل مطلب:** سيد مصري شاهہ امام رضوي جي ڪلام/ڪافين جي فهرست پهريون دفعو الف-ب وار تيار ڪئي وئي آهي، جنهن جو سبب اهو آهي تہ مارڪيٽ ۾ دستياب مصري شاهہ جي ڪلامن تي مشتمل ڪتابن جي فهرست موجود ناهي. اها فهرست جنهن سان مصري شاهہ جو ڪلام ڳولڻ ۽ تحقيق ڪرڻ آساني ٿي. هن کان اڳ مصري شاهہ جو سُر وار، الف-بي وار، قافيہ رديف وار، راڳ وار داستان وار ڪلام جو تفصيل موجود نہ آهي.

مصري شاهہ ڪافين جو بادشاهہ سڏجي ٿو پر سندس اڄ ڪلام بہ جديد ميڊيا تي رڪارڊ ڪو نہ ٿي سگهيو آهي. مصري شاهہ جي ڪلامن جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو تہ هر ڪافي پنهنجي نوعيت، ڪيفيت، قافيہ، رديف جي جوڙجڪ،

ماترائن جي سٽاءَ، موضوع جي اعتبار، ٻوليءَ جي گهاڙيٽي جي حوالي سان، سُرن، راڳن جي اعتبار سان نهايت اهميت رکي ٿي.

مقالي ۾ ڪافين کي سهيڙڻ جي ڪوشش سان گڏ خصوصاً ڳايل ۽ اڻ ڳايل ڪلام جي بہ نشاندهي ڪئي وئي آهي. هي مقالو مصري شاهہ جي ڪافين تي ڊاڪيومينٽري تيار ڪرڻ وارن لاءِ بہ نهايت مددگار ٿيندو.

هن مقالي جي روشني ۾ ٻين سڀني ڪافي گو شاعرن جي رڪارڊ کي سهيڙڻ ۾ بنيادي نموني طور مدد ملي سگهي ٿي.

هي مقالو موسيقيءَ کي نظر ۾ رکندي ترتيب ڏنو ويو آهي، جيڪو تحقيق جي شاگردن جي رهنمائي ڪندو.

مصري شاهہ جو ڪلام سورهن سُرن تي مشتمل آهي، جيڪي هن ريت آهن: 1.سر ڪلياڻ، 2.سر آسا،3.سر ڏناسري، 4.سر پيروي، 5.سر پيروي-ٽوڙي، 6.سر پيروي-ٽوڙي-ڪسوري، 7.سر بلاول، 8.سر ڪوهياري، 9.سر ديسي، 10.سر ڪيڏارو، 11.سر تلنگ، 12.سر بروو، 13.سر بروو ۽ 14.تلنگ، 15.سر جهنگلو، 16. سر سورٺ، 17. سر سارنگ، 18.سر جوڳ، 19.سُر بهاگ، 20.سُر ڪنيات هندي، 21.سر سهٽي، 22.سر مالڪونس، 23.سر بسنت، 24.سر رامڪلي، 25.سر پوريا، 26.سر ڪانرو، 27.سر گجري، 28.سر ڪاموڏ، 29.سر بياس، 30.سر ڪوهياري 31.ديسي.جڏهن تہ ڪجهہ سرن کي ٻين سرن سان ملائي بہ لکيو ويو آهي. سر پيروي-ٽوڙي، سر پيروي-ٽوڙي-ڪسوري، سر برو ۽ تلنگ شامل آهن.

مقالي لاءِ سيد مصري شاهہ امام جو ڇپيل رسالو، مختصر ڪلام شاهہ مصري امام، مصري شاهہ ميموريل ڪميٽي 1983ع، سيد عاشق حسين شاهہ واري رسالي جي مدد سان ڪافي نمبر ۽ صفحو نمبر ڄاڻايو ويو آهي.

هن رسالي ۾ 94 ڪافيون ڪل چار مصرعن تي مشتمل آهن. جڏهن تہ آستائي ٿلهہ ان کان علاوه آهن.

مقالي ۾ 148 هڪ سو اٺيتاليهہ ڪافيون تحقيق هيٺ آنديون ويون آهن. جنهن مان صرف 34 ڪافيون اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ڳايل ريڪارڊ تي آهن.

سيد مصري شاهہ جون اهي ڪافيون جن فنڪارن ڳايون آهن انهن جا نالا هن ريت آهن:

محمد ابراهيم، ديبا سحر، استاد محمد جمن، سينگار علي سليم ، شفيع محمد فقير، استاد منو ڪڇي، استاد فدا حسين خان، بابو فقير، استاد نيازحسين، عابده پروين، صنم مارئي، غلام قادر ڪڇي، ڊول فقير، حسين بخش خادم، استاد منظور علي خان، استاد محمد يوسف، غلام قادر لنجواڻي، غلام شبير شاهاڻي، فوزيا سومرو، استاد فتح علي خان، استاد وحيد علي، امير بخش ڪلوئي، قاسم فاني، رجب علي، استاد حميد علي خان، سيد جمن شاهہ بخاري، محمد شريف مگسي، اسحاق ڪارو مگڻهار، ممتازلاشاري، فقير امير بخش ڪلوئي، ذوالفقارعلي، اميرعلي، فقير صدرعلي لغاري، تاج مستاني، صادق علي، محمد حسن ڪڇي، طيب سمون، فقيرعبدالغفور، چاڪر چانڊيو ، فقير خان محمد. شازيہ ترنم، پانڌي فقير، حميرا سارنگ.

مصري شاهہ جون اڪثر ڪافيون ريڊيو پاڪستان جي ريڪارڊنگ ۾ محفوظ آهن. انهيءَ ڪري هر ڪافيءَ جا 3 مصرع ريڪارڊ ڪيا ويا آهن. جنهن جو سبب ريڊيو جي لاءِ ڪنهن هڪ ڪافيءَ جو وقت 5 منٽ تي سگهي ٿو. پر ڪيسيٽن ۽ کلي محفل ۾ اها پابندي ناهي.

مصري شاهہ جون 94 ڪافين ۾ ڪل 4 مصرع، 32 ڪافين جي 5 مصرع، 6 ڪافيون 5 مصرعن، هڪ ڪافي 7 مصرعن، هڪ ڪافي 8 مصرعن، هڪ ڪافي 9 مصرعن، هڪ ڪافي 11 يارنهن مصرعن تي مشتمل آهي.

مصري شاهہ پنهنجي اڪثر ڪلامن ۾ مصري نالي جو مقطع ۾ استعمال ڪيو آهي، ٻن ڪلامن ۾ مقطع ڪونہ واپرايو ويو آهي.

سنڌ جي نامياري راڳي، اديب، پروڊيوسر بيدل مسرور پي.ٽي.وي جو پروگرام ’محبتون ڪي سفير‘ ريڪارڊ ڪيو تہ ان ۾ راقم جي ڪمپوز ڪيل ۽ ڳايل هڪڙي ڪافي ’مرلي سي مجهي موهہ ڪي جوڳي جان لي گئوري‘ ڳائڻ وقت ان ڳالهہ جو عملي تجربو ٿيو. اها ساڳي ڪافي ملڪ جي مشهور ڳائڻي ترنم نازبہ ڳائي هئي.

## ڪتابيات /ببليوگرافي


1. آغا، سليم، 2010، ’رسالہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي‘، منظوم اردو ترجمو، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ.
2. ابڙو، شاڪر (1987) ’ڪافي جو بادشاهہ مصري شاهہ‘ـ ماهوار نئين زندگي ـ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.

3. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان ( 1978) ’سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ‘، پٽ شاهه ثقافت ڪاتو، ڪراچي، سنڌ
4. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، 1990، ’ڪافيون‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ، پاڪستان.
5. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، (فيبروري 1952) ’شاهه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف‘_ ماهوار نئين زندگي_ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.
6. بي بو خان، (1945)(ريڪارڊنگ)دادا سنگيت، واڍن جو پڙ حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان.
7. ٻرڙو، ڪوثر (2007) ’فن ۽ فنڪار‘_ ماهوار نئين زندگي_ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.
8. پٽي، مقبول احمد (1961) ’ڪليات مصري شاهه‘، نصرپور سنڌ.
9. تنيو، گل محمد (2008) ’مصري شاهه جو ڪلام‘، روشني ڪنڊيارو.
10. پانڌياڻي، غلام دستگير (مارچ 1951) ’مصري شاهه‘_ ماهوار نئين زندگي_ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.
11. جوٽيجو، عبدالجبار ڊاڪٽر (2003) ’ڪافيان‘، بزم ثقافت ملتان.
12. جوش، شيخ عبدالحليم ( مارچ 1953) ’سنڌ جي موزون شاعري‘، ماهوار نئين زندگي_ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.
13. ’راز‘، شيخ عبدالرزاق (1963) ’مصري شاهه جي شاعري‘_ ماهوار نئين زندگي_ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.
14. راشدي، سيد عبدالغفور (1954) ’ڪافيءَ تي تحقيق ۽ تبصرو‘_ ماهوار نئين زندگي_ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.
15. رضوي، سيد عاشق حسين شاهه (1983)’مختصر ڪلام شاهه مصري امام‘_ مصري شاهه ميموريل، ڪميٽي، نصرپور.
16. سيد، لطف علي (جون،1953) ’ڪافي تحقيق جي روشني ۾‘_ ماهوار نئين زندگي_ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد.
17. شيخ، محمد اسماعيل (مارچ، 1969) ’سنڌي ڪافيءَ جو بادشاهه مصري شاهه‘ نئين زندگي.
18. طالب المولىٰ (1900) ڪچڪول ’بزم سروري سنڌي‘، سروري اسلاميه ڪاليج هالا، سنڌ.
19. گل نصرپوري (ڊسمبر 1964) ’وائي ۽ ڪافي جا گهاڙيٽا‘، حصو پهريون ۽ ٻيو. نئين زندگي.
20. مخدوم، امير احمد ’تحفة الڪرام‘ (مترجم) ، 1970، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.
21. مرزا، نصير (2014) ’ريڊيو حيدرآباد ڪئٽلاگ‘، امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد.
22. مغل، پير بخش مير محمد (1955) ’راڳ ساگر‘، بانڪارام روڊ نواب شاهه.
23. ميمڻ، محمد ياسين (1996) ’مصري شاهه ڪافين جو بادشاه‘، نئين زندگي.
24. هالائي، سوز (2017) ’ساز ۽ آواز‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.